Reg No 2677
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Karachi
www.dailysindhyar.com
NTN 4129440-8
ڪراچي

جلد: 11 | جمعو 11 آگسٽ 2023ع بمطابق 23 محرم الحرام 1445ھ | شمارو: 292 | قيمت 10 روپيا

آمريڪي ميڊيا پي ٽي آءِ چيئرمين جي حڪومت بابت سائفر ليڪ ڪري ڇڏيو

آمريڪي پرڏيهي وزارت روس يوڪرين جنگ جي معاملي تي پي ٽي آءِ چيئرمين جي حڪومت کي ڪيرائڻ جي حمايت ڪئي هئي : دي انٽرسيپٽ

يوڪرين تي حملي کان اڳوڻي وزيراعظم عمران خان طرفان روس جو دورو ڪرڻ تي آمريڪا ناراض ٿي ويو هو

سائفر سان اڳ ڳالهه جو اشارو ملي ٿو ته آمريڪا پي ٽي آءِ چيئرمين جي حڪومت کي ڪيرائڻ تي لاڳاپن ۾ بهتري جو واعدو ڪيو ۽ نه هٽائڻ تي اڪيلو ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني هئي

آمريڪي اسسٽنٽ سيڪريٽري آف اسٽيٽ ڊونلڊ لو ۽ پاڪستاني سفير اسد مجيد خان وچ ۾ ملاقات ٿي جنهن ۾ آمريڪي پرڏيهي وزارت جي اختيارين به شرڪت ڪئي

آمريڪا ۽ يورپ جا ماڻهو يوڪرين جنگ ۾ پاڪستان جي ايٽري وڏي اڏري موقف اختيار ڪرڻ تي سخت پريشان آهن ايستائين جو اسان کي اهو اڏريو موقف به نقو لڳي : ڊونلڊ لو

آمريڪي قومي سلامتي ڪائونسل ۾ ڳجهي ڳالهه ٻولهه تي آهي پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي چٽي طور تي وزيراعظم جي پاليسي نظر اچي رهي آهي

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي ميڊيا پي ٽي آءِ چيئرمين جي حڪومت مشهور سائفر کي ليڪ ڪري چڏيو آمريڪي ويب سائيٽ دي انٽرسيپٽ سائفر جي متن کي شايع ڪندي خبر ۾ لکيو آهي ته هن سائفر سان پي ٽي آءِ چيئرمين جي حڪومت کي ڪيرائڻ پٺيان آمريڪي دباءُ نظر اچي ٿو چو ته آمريڪي سفارتڪار اهو بيان ڏنو هو ته عمران خان خلاف عدم اعتماد جي تحريڪ ڪامياب ٿي وئي ته سڀ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

سنڌ جي 29 ڪاتن ۾ 762 فوتي ڪوٽا تي پرتين جي منظوري

چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت جي صدارت ۾ فوٽي ڪوٽا تي عمل لاءِ اجلاس ٿيو

اجلاس دوران زراعت کاتي ۾ 28، رونيو ۾ 12، ڪاليج ايجوڪيشن ۾ 32 ۽ فاريسٽ کاتي ۾ 11 جي منظوري ڏني وئي

چيف سيڪريٽري صحت کاتي جي 93، لائيو اسٽاڪ ۾ 11، بلديات ۾ 61، پاپوليشن ويلفيئر ۾ 41 ملازمن جي منظوري ڏني

ڪراچي: چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت جي صدارت ۾ فوٽي ڪوٽا تي عمل لاءِ اجلاس ٿي رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي مختلف 29 ڪاتن ۾ 762 فوٽي ڪوٽا تي ملازمن جي منظوري ڏني وئي آهي. چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد سهيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

پي آءِ اي پاران يوم آزادي تي 14 سيڪڙو رعايت جو اعلان

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان انٽرنيشنل ايئر لائنز (پي آءِ اي) يوم آزادي جي موقعي تي پروازن ۾ 14 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

وزيراعظم ۽ اپوزيشن اڳواڻ وچ ۾ ملاقات، نگران وزيراعظم جي نالي تي اتفاق نه ٿي سگهيو

نگران وزيراعظم جي معاملي تي ڪنهن به قسم جو ڊيڈ لاڪ نه آهي : راجا رياض

ڪوشش هوندي ته وزيراعظم سان گڏ نگران جو نالو فائنل ڪري وٺون

ملاقات انتهائي خوشگوار ماحول ۾ ٿي. مون پنهنجا نالا وزيراعظم کي ڏئي ڇڏيا آهن

اسلام آباد: صدر عارف علوي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف ۽ اپوزيشن اڳواڻ راجا رياض وچ ۾ نگران وزيراعظم جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

امامن جي چاليهي تي ڪربلا لاءِ پاڪستاني زائرين جي ڪوٽا هڪ لک مقرر

اسلام آباد (م ڊ) گهرو وزارت جيو آهي ته عراقي حڪومت طرفان امامن جي چاليهي (اربعين) دوران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

رضوانا تشدد ڪيس: وڪيل جو "سول جج جي زال آهي ڪيس ڇڏي ڏيو" چوڻ تي جج ڪاوڙجي پئي

اسلام آباد جي مئجسٽريٽ جي عدالت ۾ ٻڌڻي دوران پارڙي کي بس اڏي تي ڇڏي وڃڻ جي سي سي ٽي وي ويڊيو تي بحث ڪيو ويو

ويڊيو ۾ پارڙي کي صحيح سلامت والده حوالي ڪندي ڏسي سگهجي ٿو: ٻڌڻي دوران جوابدار جو وڪيل سوميه عاصم سول جج جي گهرواري آهي، ڪيس ڇڏي ڏيو

اسلام آباد (م ڊ) گهريلو ملازم رضوانا تي تشدد جي ڪيس ۾ گرفتار سول جج جي گهرواري سوميه عاصم جي ضمانت جي درخواست رد ڪئي وئي. اسلام آباد جي مئجسٽريٽ جي عدالت ۾ اڄ جي ٻڌڻي دوران پارڙي کي بس اڏي تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

آل سنڌ ايريگيشن ٽريڊ يونينز فيڊريشن ۽ اسڪارپ ايمپلائيز يونين پاران احتجاجي مظاهرو

ڊيوٽي ڪندڙ ۽ ريٽائرڊ ملازمن جي اولاد کي نوڪريون ڏيڻ بجاءِ سياسي پرتيون ڪرڻ خلاف ريلي

ساگر يوسف منگي خادم حسين مري علي نواز سولنگي محمد خان مشوري جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو

حڪومت نوڪري ڪندڙ ۽ ريٽائر ملازمن جي اولاد کي نوڪري ڏيڻ بجاءِ سياسي ۽ سفارشي پرتيون ڪرڻ چاهي ٿي

نوشهروفيروز (ڊ ر) آل سنڌ ايريگيشن ٽريڊ يونينز فيڊريشن ۽ اسڪارپ ايمپلائيز يونين نوشهروفيروز ڊويزن طرفان ڪراچي معاهدي تي عمل نه ڪرڻ ڊيوٽي ڪندڙ ۽ ريٽائرڊ ملازمن جي اولاد کي نوڪريون ڏيڻ بجاءِ سياسي پرتيون ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڪارونجهر جي امڪاني ٽينڊرنگ وڪري خلاف سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي پاران احتجاجي مظاهرو

مرڪزي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري مصطفي چانڊيو ۽ ڊاڪٽر علي نواز گبول جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

حڪومت سنڌ پاران مائينز ۽ منرل آفيس تي ڪارونجهر جي ٽينڊر لاءِ خفيه ميٽنگ رٽيل هئي: مصطفي چانڊيو

13 هزار ايڪڙ زمين خيرات سمجهي ڏني پئي وڃي ته ٻئي پاسي معدنيات جي وڪري لاءِ سامپاها ڪري رهي آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڪارونجهر جي امڪاني ٽينڊر ۽ وڪري خلاف سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي پاران اڄ مرڪزي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري مصطفي چانڊيو ۽ ڊاڪٽر علي نواز گبول، محبوب ڪوسر جي اڳواڻي ۾ مائينز ۽ منرل آفيس اڳيان پرپور احتجاج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

اسان کي پاڪستان کي مشڪلاتن مان ڪڍي خوشحاليءَ ڏانهن وٺي وڃڻو آهي: وزيراعظم

اسان کي اتحاد جي ضرورت آهي جيڪو اڳ ڪڏهن به نه هو: شهباز شريف

اوهان سيني حڪومتي ڪمن ۾ منهنجي رهنمائي ڪئي جتي مون کان غلطيون ٿي رهيون هيون، اوهان منهنجو هٿ پڪڙيو

توهان سان گڏ 16 مهينا گذارڻ منهنجي زندگي جو اثاثو هوندو، جڏهن قائداعظم جو انتقال ٿيو ته بدقسمتي سان اسان پنهنجو رستو وڃائي وياسين

الله تعاليٰ اسان کي پنهنجي پيرن تي بيهڻ جي توفيق عطا فرمائي، قرض مان جان ڇڏائي ۽ دعائون گهرڻ کي خدا حافظ چئي

اسان ڪوشش ڪئي ته جيترو ٿي سگهي وسيلن کي بچايون ۽ ڪابينا فيصلو ڪيو ته پگهارون نه وٺنداسين.

غربت ۽ بيروزگاري جي خاتمي لاءِ وسيلا استعمال ڪيا وڃن ته قرض وٺڻ جي ضرورت نه پوندي : وزيراعظم هائوس جي عملي کي خطاب

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته اسان کي پاڪستان کي مشڪلاتن مان ڪڍي خوشحاليءَ ڏانهن وٺي وڃڻو آهي، قومي اتحاد ۽ اتفاق جي ضرورت اڳ کان وڌيڪ آهي. وزيراعظم هائوس جي عملي کي خطاب ڪندي شهباز شريف چيو ته اوهان سيني حڪومتي ڪمن ۾ منهنجي رهنمائي ڪئي جتي مون کان غلطيون ٿي رهيون هيون، اوهان منهنجو هٿ پڪڙيو. هن چيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف وزيراعظم هائوس جي عملي کي خطاب ڪري رهيو آهي

عالمي ميڊيا تي سامهون ايندڙ سائفر جي تصديق ڪري عمران خان خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي: راڻا ثناءالله

عالمي ميڊيا تي سامهون ايندڙ آمريڪي سائفر جي تصديق جي لاءِ جاچ ڪئي وڃي

اها ڳالهه نه وسارڻ گهرجي ته سائفر جي ڪاپي پي ٽي آءِ چيئرمين وٽ هئي جيڪا هن واپس به نه ڪئي

عمران خان جي اها ڳالهه رڪارڊ تي موجود آهي ته ان کان اها سائفر جي ڪاپي ڪٿي گم ٿي وئي آهي

اسلام آباد (م ڊ) اڳوڻي گهرو وزير راڻا ثناءالله چيو آهي ته عالمي ميڊيا تي سامهون ايندڙ آمريڪي سائفر جي تصديق ڪئي وڃي، جيڪڏهن سائفر جي معاملي ۾ عمران خان ڏوهاري نڪتو ته ان جي خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي، رپورٽ موجب پنهنجي بيان ۾ مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ ۽ اڳوڻي گهرو وزير آمريڪي سائفر جي معاملي تي چيو آهي ته عالمي ميڊيا تي سامهون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اسلام آباد: وزيراعظم طرفان اماڻيل سمري تي صدر عارف علوي صحيح ڪري رهيو آهي

وزيراعظم جي سمري منظور، صدر عارف علوي قومي اسيمبلي ٽوڙي ڇڏي

ڊاڪٽر عارف علوي آئين جي آرٽيڪل 58(1) جي تحت منظور ڪري ورتو

نگران وزيراعظم جي مقرري نائين شهباز شريف بطور وزيراعظم جي طور تي ڏهيواريون ادا ڪندو رهندو

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف طرفان اماڻيل سمري تي صدر عارف علوي صحيح ڪري ڇڏي جنهن کان پو، قومي اسيمبلي ٽٽي وئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

پي ٽي آءِ چيئرمين جي گهرواري بشريٰ بي بي اٽڪ جيل پهچي وئي

جيل انتظاميه بشريٰ بي بي کي پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان سان ملاقات جي اجازت ڏئي ڇڏي

پي ٽي آءِ جي وڪيلن شيرافضل، نعيم پنجوتها ۽ علي اعجاز کي اجازت نه ملي سگهي

بشريٰ بي بي 4 گاڏين تي ٻڌل قافلي سان گڏ اٽڪ جيل پهتي پوليس ناڪي تي گاڏين کي اڏ ڪلاڪ تائين روڪيو ويو

لاهور (م ڊ) پي ٽي آءِ چيئرمين جي گهرواري بشريٰ بي بي وڪيلن سان گڏ اٽڪ جيل پهچي وئي. جيل انتظاميه بشريٰ بي بي کي پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان سان ملاقات جي اجازت ڏئي ڇڏي. جڏهن ته پي ٽي آءِ جي وڪيلن شير افضل، نعيم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

پي ٽي آءِ چيئرمين جي گهرواري بشريٰ بي بي وڪيلن سان گڏ اٽڪ جيل ۾ آيندي

190 ملين پائونڊ ڪرپشن ڪيس: عمران خان جي ضمانت واري درخواست رد

ٻڌڻي احتساب عدالت جي جج محمد بشير ڪئي

بشريٰ بي بي کي نيب گرفتار نه ڪري : عدالت جي هدايت

اسلام آباد (م ڊ) 190 ملين پائونڊ ڪرپشن ڪيس ۾ احتساب عدالت بي ٽي آءِ چيئرمين جي ضمانت واري درخواست رد ڪري ڇڏي جنهن کان پو، نيب کي عمران خان کي گرفتار ڪرڻ جو اختيار ملي ويو آهي. رپورٽ موجب احتساب عدالت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

سڪر ۾ سماجي تنظيم سرسو پاران انتهائي غريب ۽ مستحق خاندانن ۾ 103 ڊور ورهايا ويا

نيشنل پارٽي گريجوئيشن پروگرام (اين پي جي پي) تحت 103 ڊرو فراهم ڪيا ويا آهن: ترجمان

ضلعي جي مختلف ڳوٺن سان تعلق رکندڙ غريب ۽ مستحق بي آءِ ايس پي جي مستحقين مان آهن

SRSO جي مائڪرو هيلٿ انشورنس جي جانورن جي موت جي دعوي پاليسي تحت انشورنس ڪئي وئي

سڪر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سرسو پاران انتهائي غريب ۽ مستحق خاندانن ۾ 103 ڊور ورهايا ويا. سرسو جي ترجمان جميل احمد مرجب سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران نيشنل پارٽي گريجوئيشن پروگرام (اين پي جي پي) /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ڪشمور ۾ بدامني خلاف احتجاج شٽر بند هڙتال، اندس هاءِ وي روڊ تي ڌرڻو

ڦرجورين ۽ قتل عام خلاف سياسي سماجي تنظيمن هندو پنچائت پاران ريلي ڪڍي وئي

ڪشمور مان هندو نوجوان ساگر ڪمار ۽ ڪشمور گڊو مان اغوا ٿي ويا آهن: مظاهرين جون ڳالهيون

بلوچستان، ڪي بي ڪي طرف ايندڙ وينڊڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي آهي مسافر گاڏين جون ڊگهيون قطارون لڳي ويون

ڪشمور (رپورٽ اصغر علي چانڊيو) بدامني خلاف احتجاج شٽر بند هڙتال شهر مڪمل طور بند اندس هاءِ وي روڊ تي ڌرڻو ڪشمور ۾ بدامني جوٽ جڙهيل روز اغوا ڦرجورين ۽ قتل عام خلاف سياسي سماجي تنظيمن هندو پنچائت، وڪيل ۽ شهري گڏيل ڪيترن ڪلاڪن کان ڪشمور ڪنڊڪوٽ اندس هاءِ وي روڊ تي ڌرڻو هڻي ويٺل آهن. ڪشمور مان گڏيل رات اغوا ٿي ويل هندو نوجوان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

شڪارپور ۾ نوڪري لاءِ آءِ بي اي جي پاس اميدوارن پاران احتجاجي مظاهرو

شڪيل جهلڻ، معراج الدين سومرو، فاروق جمالي شاهزيب برڙو جي اڳواڻي ۾ ريلي

انٽرويو جي آڙ ۾ ۽ گريڊ جي آڙ ۾ اميدوارن سان ناانصافي ريساهه گهاتي ڪئي پئي وڃي: مظاهرين

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) 5 کان 15 اسڪيل جي نوڪري لاءِ آءِ بي اي جي پاس اميدوارن پاران شڪارپور پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. احتجاج جي اڳواڻي شڪيل جهلڻ، معراج الدين سومرو، فاروق جمالي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو ورڪرز يونين جي مرڪزي صدر جو سڪر ۾ شاندار آجيان

اقبال احمد خان، سيڪو جي ريجنل چيئرمين نثار اي شيخ ۽ ٻين عبداللطيف نظاماڻي جي آجيان ڪئي

سڪر اڄڪو جو مقصد سنڌس سيڪو ملازمن سان ملاقات ڪري سنڌن مسئلا معلوم ڪرڻ آهي: عبداللطيف نظاماڻي

سڪر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو ورڪرز يونين جي مرڪزي صدر عبداللطيف نظاماڻي جو سڪر پهچڻ تي صوبائي سيڪريٽري اقبال احمد خان، سيڪو جي ريجنل چيئرمين نثار اي شيخ ۽ سيڪو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سڪر: آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو ورڪرز يونين جي ڪوئاليل اجلاس کي مقرر خطاب ڪندي

بدين ۾ مچرن جو عذاب گهٽڻ تي ويو، ملير يا جا مريض وڏي انگ ۾ اسپتال ۾ پهچي ويا

بدين جي سرڪاري توڙي پرائيويٽ اسپتالن ۾ ملير يا جا مريض وڏي انگ ۾ رپورٽ ٿيا آهن

مچر مار اسپري پڻ نه ڪيو ويو آهي انتظاميا جي عدم توجه سبب عوام پريشاني ۾ ورتل آهي

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) ميونسپل ڪميٽي بدين جي طرفان مچر مار اسپري نه ڪرائڻ جي ڪري بدين شهر ۾ مچرن جو وڏو آزار ڏينهن جو به مائٽن کي مچر ڪاٽڻ لڳا ڪيترائي شهري ملير يا بخار ۾ مبتلا تفصيل موجب بدين شهر توڙي تعلقي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

شمشير جي درسي ۾ رٽيلڻ ۾ سڪرن ڀيو جي، اهڙا چهرا عظيم انسان گهٽ پيدا ٿيندا آهن: حافظ محمد نظاماڻي

شمشير الحيدري وطن پرست، ادبي سنگت کي ۽ سڳ کي قوت بخشڻ شمشير جو هٿ هو: ايس يو پي نائب صدر امير آزاد

سنڌي ٻولي کي ادبي سنگت جي پليٽ فارم تان شمشير سڀ روڪ ڪردار ادا ڪيو. شمشير جو ون يونٽ ٽوڙڻ ۾ وڏو ڪردار رهيو

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) سنڌ جي عظيم شاعر ليکڪ اديب ڊرامانگار ۽ صحافي شمشير الحيدري جي يارهين درسي شمشير الحيدري اڪدمي پاران بدين پريس ڪلب ۾ ملهائي وئي درسي جي ميڙ کي خطاب ڪندي حافظ محمد نظاماڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

عادلپور ويجهو ڳوٺ شفيع آباد جي گورنمينٽ پرائمري اسڪول ۾ ڪتابن جي ڪوٽ

اسڪول ۾ گورنمينٽ جو هڪ ٽڪي جو به سهڪار ناهي، پاڻي کا سهولت ناهي ڏني وئي

شديد گرمي ۾ نه بجلي ملي نه وري گورنمينٽ جي طرفان سولر سسٽم ملي سگهيو آهي

عادلپور (رپورٽ اسلم مهر) عادلپور ويجهو ڳوٺ شفيع آباد جي گورنمينٽ پرائمري اسڪول ۾ استادن جي ۽ ڪتابن جي ڪوٽ پارڙن جي تعليم متاثر ٿيڻ لڳي آهي ان حوالي سان اسڪول جي هيڊ ماسٽر استاد صلاح الدين مهر ۽ استاد زبير احمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

عادلپور: پرائمري اسڪول ۾ استادن جي ۽ ڪتابن جي ڪوٽ خلاف پارڙا احتجاج ڪندي

رائيگاں ايڪ بھي قطرہ نہيں جاتا
لاتا ہے رنگ شہيدوں کا لہو زمانے ميں

حڪومت سنڌ پاران سنڌ پوليس جي شهيدن جي مروج مراعتن ۾ اضافو

• شڪريہ جناب آصف علي زرداري • شڪريہ جناب بلاول ڀٽو زرداري • شڪريہ جناب سيد مراد علي شاھ • شڪريہ جناب آءِ جي سنڌ

سنڌ پوليس جي شهيدن جي خاندانن لاءِ دلين ۾ درد ۽ احساس رکڻ تي اسان حڪومت سنڌ جا احسان مند ۽ شڪرگذار آهيون.
اسان آءِ جي سنڌ لاءِ به دعاگو آهيون ۽ سندس ڪاوشن جو دل جي گهرائين سان قدر ڪريون ٿا.

شڪريہ حڪومتِ سنڌ
سنڌ پوليس زنده باد
پاڪستان پائنده باد
پاران: سنڌ پوليس جي شهيدن جا وارث

INF/KRY/3594/2023

خانواهڻ جون رهاڪو مسمات شيلا ناز ملاح ٻن پينرن پاران بااثرن خلاف احتجاج

شيلا ناز ملاح ٻن پينرن شهنيلا نازءِ عظمان ناز کي ساڻ ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو

زاهد ڪونڌر، عبدالله ڪونڌر، گدا حسين ڪونڌر، نظر محمد ڪونڌر، شاهد ڪونڌر خلاف نعرا

نيائيين جي دانهن ٻڌي ظالم شخص علي حسن ڪونڌر کي گرفتار ڪري تحفظ ڏيارڻو وڃي: پينرون

محراڀپور (رپورٽر مجاهد علي سامتيو) خانواهڻ جون رهاڪو مسمات شيلا ناز ملاح ٻن پينرن شهنيلا نازءِ عظمان ناز کي ساڻ ڪري پريس ڪلب ڪوٽڙي محمد ڪبير ۾ اچي اڳوڻي مڙس علي حسن ڪونڌر خلاف روئي دانهينديءِ ٻڌايو ت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

محراڀپور: بااثرن جي زيادتين خلاف ٻه پينرون پريس ڪلب ۾ احتجاج ڪندي

بيت المال جي مينيجنگ ڊائريڪٽر ٽيليسيميا ڪان پاڪ پاڪستان بابت آگاهي سيمينار

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) پاڪستان بيت المال جي مينيجنگ ڊائريڪٽر ايڊووڪيٽ عامر فهد پراچ ۽ ڊائريڪٽر سنڌ عدنان مجيد جي هدايتن تي پاڪستان بيت المال بدين پاران "ٽيليسيميا ڪان پاڪ پاڪستان" جي نالي سان آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو سيمينار کي خطاب ڪندي ٽيليسيميا ايڪسپرٽ ڊاڪٽر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

شهدادڪوٽ ۾ پاڻ جي واپاري سرڪاري اڳهه بدران پنهنجا ۾ نپسند اڳهه وٺڻ لڳا

ڊي ايف سي پاڻ جو سرڪاري ريٽ 8500 کان ڪجه وڌيڪ جي جڳهه تي 11000 ريٽ مقرر

شهر جي مارڪيٽ ۾ غير معياري ۽ نقلي پاڻ جون قيمتون آسمان سان ڳالهيون ڪن ٿيون: آبادگار اڳواڻ

شهدادڪوٽ (رپورٽر) پاڻ جي واپارين پاران پاڻ جي سرڪاري اڳه تي وڪري بجاءِ پنهنجا منپسند اڳه وٺڻ لڳا، منپسند اڳه نه ڏيڻ تان پاڻ جي شائيع ٻڌائي، آبادگارن ۽ هارين کي پريشان ڪيو پيو وڃي شهدادڪوٽ ۾ پاڻ جي واپارين پاران ڊي ايف سي پاڻ جو سرڪاري ريٽ 8500 کان ڪجه وڌيڪ جي جڳهه تي 11000 کان وڌيڪ جڏهن ته يوريا پاڻ 2600 کان 2700 جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

شهدادڪوٽ ۾ عملدارن پاران سياسي پرتين خلاف هٿن ڳاڙها جهنڊا بينر کڻي احتجاج

جهنڊا بينر کڻي آفيس کان سجاول جوڻيجو، رتوديرو مين روڊ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

آبپاشي کاتي جي يونين ايريگيشن الشهباز فيلڊيشن پاران ملازمن سان گڏجي مظاهرو ڪيو ويو

سياسي طور تي ٻاهران آيل ماڻهن کي ايريگيشن کاتي ۾ پرتي ڪيو پيو وڃي: مظاهرين جون ڳالهيون

شهدادڪوٽ (ڊ ر) شهدادڪوٽ ۾ ايريگيشن (آبپاشي) ورڪر يونين پاران سياسي پرتين خلاف هٿن ڳاڙها جهنڊا بينر کڻي آفيس کان سجاول جوڻيجو رتوديرو مين روڊ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪري ڏرٽو هٿي سياسي پرتيون نامنظور ڏي سي تمير شهدادڪوٽ خلاف سخت نعريبازي، شهدادڪوٽ ۾ آبپاشي کاتي جي يونين ايريگيشن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

شهدادڪوٽ: عملدارن پاران سياسي پرتين خلاف هٿن ڳاڙها جهنڊا بينر کڻي احتجاج ڪيو پيو وڃي

نوشهروفيروز سول اسپتال جي ايمبولنس ڊرائيور سيد روشن علي شاهه جي مان ۾ الوداعي تقريب

نوشهروفيروز (ڊ) سول اسپتال نوشهرو فيروز جي ايمبولنس ڊرائيور سيد روشن علي شاهه سروس جي 60 سال پوري ڪرڻ ڪانپوءِ سندس مان ۾ الوداعي تقريب جو اهتمام ڪيو ويو جنهن جو مهمان خاص سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو هو جڏهن تقريب ۾ پروفيشنل پيراميڊيڪس جي اڳواڻن سميت AMS ڊاڪٽر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

منياڻي ٽاٽي کان ڪجهه مفاصلي تان نامعلوم چور دڪان مان لڪن جو سامان کڻي فرار

دڪاندار جمشيد ڪوريجو جي اسپيئر پارٽ جي دڪان جي ڇت ٽوڙي قيمتي سامان چوري

نامعلوم چور ٽوڙي لڳ ڀڳ ڏيڍ لک روپين جو سامان ۽ چاليهه هزار روڪ رقم کڻي فرار ٿي ويا

منياڻي ٽاٽي جو وڏو منشي ڏوهارين سان ٻٽ بٽيل آهي، معاملي جو نوٽيس ورتو وڃي: جمشيد ڪوريجو

توشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) منياڻي ٽاٽي کان ڪجهه ٻي مفاصلي تان نامعلوم چور دڪاندار جمشيد ڪوريجو جي اسپيئر پارٽ جي دڪان جي ڇت ٽوڙي قيمتي سامان ۽ روڪ رقم کڻي فرار ٿي ويا ان موقعي تي جمشيد ٻڌايو ت گذريل رات ديرسان منهنجي دڪان جي ڇت نامعلوم چور ٽوڙي لڳ ڀڳ ڏيڍ لک روپين جو سامان ۽ چاليهه هزار روڪ رقم کڻي فرار ٿي ويا آهن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سنڌ هاءِ ڪورٽ حڪومت کي مختلف ڪاتن ۾ پرتين کان روڪي ڇڏيو

سنڌ حڪومت قانوني گهرجون پوريون ڪرڻ کان سواءِ پرتيون ڪري رهي آهي: ايم ڪيو ايم پاران داخل درخواست جو متن

عدالت سڳوري نوڪرين بابت جاري مختلف اشتهارن کي به معطل ڪري ڇڏيو

ڪراچي (ڊ ر) سنڌ هاءِ ڪورٽ سنڌ حڪومت کي مختلف ڪاتن ۾ پرتين کان روڪي ڇڏيو. سنڌ هاءِ ڪورٽ ايم ڪيو ايم پاڪستان طرفان 140 کان وڌيڪ ڪاتن ۾ سنڌ جي حڪومت جي پرتين خلاف داخل درخواست تي ٻڌائي ڪئي. ايم ڪيو ايم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

16 مهينن جي اسيمبلي غريب ۽ عوام دشمن جي طور تي ياد رکي ويندي: شيخ رشيد

الله الله ڪري 16 مهينن جي غريب دشمن حڪومت جي ڪاري دور کان قوم کي ڇوٽڪارو مليو

سنڌ هائوس ۾ ميمبرن جي خريد ۽ وڪرو سان ٺهندڙ سازشي اسيمبلي ٽٽي وئي آهي

هي ويندي ويندي هڪ ڏينهن دوران 121 بل به پاس ڪرائي اسيمبلي کي بلن جي فيڪٽري بنائي ڇڏيو

راولپنڊي (ڊ ر) عوامي مسلم ليگ جي سربراهه ۽ اڳوڻي وفاقي گهرو وزير شيخ رشيد احمد چيو آهي ته هي 16 مهينن جي اسيمبلي پاڪستان جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪوئيٽه: موتي رام روڊ تي ڏماڪو، ٻه ڇٽا زخمي

ڏماڪي ڪانپوءِ دڪان ۾ باهه به لڳي

دڪان ۾ باهه لڳڻ ڪانپوءِ فائر برگيڊ کي طلب ڪيو ويو

ڪوئيٽه (ڊ ر) ڪوئيٽه جي موتي رام روڊ تي ڏماڪي جي نتيجي ۾ ٻه ڇٽا زخمي ٿي پيا. ريسڪيو موجب ڏماڪي ڪانپو، دڪان ۾ باهه به لڳي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪوئيٽه: موتي رام روڊ تي ڏماڪي جي نتيجي دڪان ۾ لڳل باهه کي وسايو پيو وڃي

گهوٽڪي ۾ آءِ بي اي سڪر جو ڪيمپس قائم ڪرڻ جي منظوري

آءِ بي اي سڪر جو ڪيمپس گهوٽڪي سرڪٽ هائوس ۾ قائم ڪيو ويندو

وڏي وزير مراد علي شاهه سرڪٽ هائوس گهوٽڪي کي آءِ بي اي سڪر حوالي ڪرڻ جي منظوري ڏني

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ڪابينا گهوٽڪي ۾ آءِ بي اي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

قومي اسيمبلي ڪانپوءِ وفاقي ڪابينا به ٽٽي وئي

ڪابينا ڊويزن وفاقي ڪابينا ٽوڙڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو

وزيراعظم شهباز شريف جي 83 رڪني ڪابينا کي ڊي نوٽيفڪيشن ڪيو ويو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) ملڪ ۾ قومي اسيمبلي ڪانپوءِ وفاقي ڪابينا به ٽوڙي وئي ڪابينا ڊويزن وفاقي ڪابينا ٽوڙڻ جو نوٽيفڪيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

صادق سنجراڻي به نگران وزيراعظم جي ڊوڙ ۾ شامل

اپوزيشن ليڊر راجا رياض طرفان صادق سنجراڻي جو نالو تجويز ڪيو ويو

وزيراعظم سان ملاقات ۾ ڪنهن نالي تي اتفاق نه ٿي سگهيو: راجا رياض

سينيٽ چيئرمين صادق سنجراڻي

اسلام آباد (ڊ ر) سينيٽ چيئرمين صادق سنجراڻي به نگران وزيراعظم جي عهدي جي ڊوڙ ۾ شامل ٿي ويو اپوزيشن ليڊر راجا رياض طرفان صادق سنجراڻي جو نالو تجويز ڪيو ويو. پئي پاسي راجا رياض جو چوڻ آهي ته وزيراعظم سان ملاقات ۾ ڪنهن نالي تي اتفاق نه ٿي سگهيو. اميد ته سياسي معاملا طئي ٿي ويندا. نگران وزيراعظم جي نالي تي مشاورت لاءِ اپوزيشن ليڊر راجا رياض ۽ وزيراعظم شهباز شريف وچ ۾ ملاقات ٿي. راجا رياض ملاقات لاءِ وزيراعظم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

اسلام ڪوٽ واسي نوجوان اسڪالرشپ تي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ يورپ روانو

محمد تراب بجير آرٽيفيشل انٽيليجنس جوائنٽ ماسٽر ڊگري پروگرام لاءِ سليڪٽ ٿيو

456 شاگردن مان 9 نمبرتي ٽاپ ٽين پوزيشن کڻي ڪري اسڪالرشپ ماڻي ورتي آهي

اسلام ڪوٽ (رپورٽ صادق بجير) اسلام ڪوٽ واسي نوجوان ٽاپ پوزيشن ماڻڻ بعد اسڪالرشپ تي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ يورپ روانو تفصيل موجب: اسلام ڪوٽ شهر جي بجير برادري سان تعلق رکندڙ ۽ پ پ ب اڳواڻ حاجي الله/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ايڊيشنل سيشن جج مورو ٻني قتل جي جوابدار کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي

عدالت ٻني قتل جي جوابدار غلام مصطفي مري کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي جيل اماڻيو

دليل ٻڌڻ کان پوءِ عدالت عاليا جوابدار کي عمر قيد جي سزا ۽ ٻ لک جي سزا ٻڌائي وئي

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ايڊيشنل سيشن جج مورو محمد اويس ابڙو ٻني قتل جي جوابدار غلام مصطفي مري کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي 0 ياد رهي ت فرياديءِ اياز علي لغاري گڄيرو پرسان ٽاٽو لغاري تي گناه نمبر 7 سال 2007/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهروفيروز: عدالت ٻني قتل جي جوابدار غلام مصطفي مري کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي جيل اماڻيو

مراحمتي شاعر ابراهيم منشي جي شاعري ۾ وڏو درد آهي: شام سندر ڪي آڏواڻي

ابراهيم منشي جسماني طور اسان کان جدا ٿيو آهي پر هو روحاني طور اسان سان گڏ آهي

ابراهيم منشي شاعر سان گڏ هڪ بهترين انسان هو سندس شاعري ۾ درد سمايل اٿس

ڪراچي (رپورٽر) سياسي ۽ سماجي اڳواڻ ڊاڪٽر شام سندر ڪي آڏواڻي چيو آهي ته سنڌ جو مذاحمتي شاعر ابراهيم منشي جي شاعري ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سرگوڌا جي ناري پنوعاقل جي رهواسي خيرپور جي ڪورٽ ۾ شادي ڪري ڇڏي، تحفظ جي گهر

مريم ولد محمد نور ملڪ پنوعاقل جي رهواسي عبدالشڪور ولد غلام حسين شيخ سان شادي ڪئي

اعليٰ اختيارين نوٽيس وٺي زندگي بچائين، درٻدري واري زندگي گذاري رهيا آهيون: جوڙي جون ڳالهيون

سکر (بيورو رپورٽ) سرگوده جي ناري مريم ولد محمد نور ملڪ پنوعاقل جي رهواسي عبدالشڪور ولد غلام حسين شيخ سان جي ڪورٽ ۾ شادي ڪري ڇڏي جنهن کان پوءِ ناري جامائٽ جان جا ويري بڻجي ويا پريمي جوڙو دربدر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

نيو پنڊ اسلام ڪالوني جي رهواسي پاران بااثرن خلاف احتجاجي مظاهرو

بوسرا پنهنجي ڏيءَ شاهدا، پٽ عاصم، عبدالباسط ۽ ڏيءَ بشرا سان گڏ احتجاج ڪيو

منهنجي مڙس جو پاءُ ۽ سندس جا پٽ مون کي تنگ ڪري رهيا آهن: بيواهه جون ڳالهيون

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) نيو پنڊ اسلام ڪالوني جي رهواسي بوسرا پنهنجي ڏيءَ شاهدا، پٽ عاصم، عبدالباسط ۽ ڏيءَ بشرا سان گڏ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سکر: نيو پنڊ اسلام ڪالوني جي رهواسي عورت پاران سان گڏ احتجاج ڪندي

سيد مراد علي شاهه وزيراعليٰ هائوس خالي ڪري ڇڏيو

وڏي وزير مراد علي شاهه وزيراعليٰ هائوس مان ذاتي سامان خانگي گهر منتقل ڪري ڇڏيو

وڏي وزير مرادعلي شاهه کي ملندڙ گڏت به وزيراعليٰ هائوس مان منتقل ڪيون ويون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مرادعلي شاهه وزيراعليٰ هائوس خالي ڪري ڇڏيو آهي خبر موجب وڏي وزير مراد علي شاهه وزيراعليٰ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ناڻي کاتي انٽرن شپ الائونس جي ادائيگي لاءِ 864 ملين روپين جي رقم جاري ڪري ڇڏي

محتسب اعليٰ سنڌ جي مداخلت کانپوءِ رقم جاري ڪئي وئي

ناڻي کاتي پاران شڪايت ڪندڙ سميت سمورن انٽرنيز لاءِ 864 ملين روپيا جاري ڪيا ويا

ڪراچي (رپورٽر) محتسب اعليٰ سنڌ اعجاز علي خان ما نور بنت بشارت علي سومرو کي اسڪول ايجوڪيشن پاران انٽرن شپ الائونس جي ادائيگي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

وفاقي سطح تي بدلين ۽ مقرين تي پابندي لاڳو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اليڪشن ڪميشن وفاقي سطح تي بدلين جي پوسٽنگ تي پابندي لڳائي ڇڏي آهي اليڪشن ڪميشن اسٽيبلشمينٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

خانپور ۾ بدامني جي باهه ٻري وئي، ڏينهن ڏني جو انڊس هاءِ وي روڊ تان سماجي اڳواڻ ڪان ڦر

رفيق احمد سهندڙو ڪان هڪ لک روپيه روڪ رقم ۽ موبائل فون ۽ قيمتي سامان ڦر ڪري فرار ٿي ويا

شڪارپور ڪان ڏيوڻي تي ويندڙ استاد ۽ سماجي اڳواڻ رفيق احمد سهندڙو ڪان هٿياربندن ڦرلٽ ڪئي

جي يو آءِ اڳواڻن مولانا طاهر سهندڙو، مولانا عنايت الله بروهي، مولانا علي محمد سهندڙو پاران مذمت

خانپور (رپورٽ عتيق ابڙو) خانپور ۾ بدامني جي باهه ٻري وئي ڏينهن ڏني جو انڊس هاءِ وي روڊ تي پوليس جوڙڪي داروغو واهه وٽان نامعلوم هٿياربندن ڏيوڻي تي ويندڙ سماجي اڳواڻ ۽ استاد رفيق احمد سهندڙو ڪان هڪ لک روپيه روڪ رقم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

بي اي سڪر جي نگراني ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڪيهر ۾ مفت طبي ڪئمپ لڳائي وئي

نئون ديرو (رپورٽر) آءِ بي اي سڪر جي نگراني ۾ هلندڙ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڪيهر ۾ شاگردياڻين جي اکين جي چڪاس ۽ علاج جي سلسلي ۾ مفت طبي ڪئمپ لڳائي وئي. سماجي تنظيم مرحوم دلدار علي عباسي ويلفيئر ٽرسٽ لاڙڪاڻي پاران ڊاڪٽر صفدر علي عباسي شاگردياڻين جي اکين جي چڪاس ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

خانپور: ڏيوڻي تي ويندڙ سماجي اڳواڻ رفيق احمد سهندڙو ڪان ٽيندڙ ڦر خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

پ پ عوامي پارٽي آهي جنهن هميشه غريب ماڻهن جي سار لڌي آهي: غلام سڪينا ڪلر

هڪ ڪروڙ نوڪريون ۽ پنجاهه لک گهرن جي تعمير جو واعدو پورو ڪري مالڪن کي حق ڏنا ويا

آصف علي زرداري توڙي بلاول پٽو زرداري پنهنجي ماروئيڙن کي ڪڏهن اڪيلو نه ڇڏيو: ڳالهيون

ڪراچي (باغي ساگر پنهور) پاڪستان پيپلزپارٽي هميشه غريب عوام جي خدمت ڪئي آهي ملڪ جي واحد جمهوري پارٽي پاڪستان پيپلزپارٽي آهي جنهن کي اج به عوام دل سان چاهي ٿي ۽ ووٽ به ڏي ٿي اهڙن خيالن جو اظهار جو ضلعي ايسٽ ڪراچي جي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري ميڊيم غلام سڪينا ڪلر ڪيو هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي عوامي پارٽي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

نٽي جي سماجي اڳواڻن ۽ ڊاڪٽرن پاران "ماءُ جي ڪير جي اهميت" کي شعوري جاڳرتا ڏيڻ جي گهر

"ماءُ جي ڪير جي اهميت" کي جهرجهنگ ۾ عام ڪرڻ سان گڏ شعوري جاڳرتا هلائڻ تي زور ڏنو آهي

يونيسيف پاران منعقد ڪيل سيمينار کي ميڊم حميرا، ڊاڪٽر شيام ڪمار، ڊاڪٽر آمنه ۽ ٻين پاران خطاب

شعور نه هجڻ ڪري ٻارجي پيدائش دوران عورت جو رت تمام گهڻو ضايع ٿي وڃي ٿو: ميڊم حميرا/ شيام ڪمار

نٽو (جاويد لطيف ميمڻ) نٽي جي سماجي اڳواڻن، مسيحائي پيشي سان تعلق رکندڙ ڊاڪٽرن ۽ نرسز غذائي ڪوٽ سبب ماءُ ۽ ٻار جي صحت تي پوندڙ منفي اثرن تي گفتي ظاهر ڪندي "ماءُ جي ڪير جي اهميت" کي جهر جهنگ ۾ عام ڪرڻ سان گڏ شعوري جاڳرتا هلائڻ تي زور ڏنو آهي. جيئن غذائي ڪوٽ کي پورو ڪرائي سگهجي، اهڙيون ڳالهيون يونيسيف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

جيئي سنڌ محاذ جي وائيس چئيرمين پاران گهاري ۾ تنظيمي دورو، اڳواڻن سان ملاقات

گهارو نمائيندو (بشام جوڪيو) جيئي سنڌ محاذ جي وائيس چئيرمين نواز شاهه پاڏائي جو گهاري ۾ تنظيمي دورو ان موقعي تي گهارو پمپ هائوس ڪالوني ۾ گهاري شهر جي جسر عهديدارن جي موجودگي ۾ وڏيري ابراهيم شيخ ۽ عبدالستار شيخ جي اڳواڻي ۾ شيخ برادري جيئي سنڌ محاذ ۾ شامل ٿي ان موقعي تي محمد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نٽو: سماجي اڳواڻن ۽ ڊاڪٽرن پاران "ماءُ جي ڪير جي اهميت" اعتوان هيٺ ڪوئيل سيمينار جو ڏيک

شهدادڪوٽ ۾ تعلقا اسپتال جي پنيان جي رهواسين جو وڏي وقت هلندڙ ڪم بند

رولڙي جي شڪار ۽ ٺيڪيدار پاران ڪم بند ڪري پيسا ڪيرائي ڪائي وڃڻ خلاف احتجاج

گدا حسين مستوئي، يعقوب مستوئي، منصور مستوئي، اختيار سومرو، صدام سومرو پاران مظاهرو

خبر ناهي ڪهڙي ڳالهه جي ڪري اسان جي پاڙي جي روڊ ۽ نالين جو ڪم بند ڪيو ويو آهي: مظاهرين

شهدادڪوٽ: (شاهد اعوان) شهدادڪوٽ ۾ تعلقا اسپتال جي پنيان جي رهواسين جو وڏي وقت هلندڙ ڪم بند، رولڙي جي شڪار ۽ ٺيڪيدار پاران ڪم بند ڪري پيسا ڪيرائي ڪائي وڃڻ خلاف پاڙي ۾ بيهل گندي پاڻي ۾ بيهي احتجاج ڪري نعريبازي ڪئي. اسپتال جي پنيان جي رهواسين گدا حسين مستوئي، يعقوب مستوئي، منصور مستوئي، اختيار سومرو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

سليمان لاشاري قتل ڪيس ۾ ڏرين وچ ۾ 9 سالن بعد ناهه: ايس ايس پي غلام سرور ابڙو جو پٽ آزاد

سنڌ هاءِ ڪورٽ 9 سالن بعد ايس ايس پي غلام سرور ابڙو جي پٽ کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

سالن کانپوءِ سليمان لاشاري قتل ڪيس ۾ ناهه ٿي ويو آهي عدالت ڏرين وچ ۾ ناهه جي منظوري ڏئي ڇڏي: عدالت کي آگاهي

ڪيس جي پڇاڻي تي جوابدار سلمان ابڙو سميت ٻين جوابدارن کي بري ڪري آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ شاگرد سليمان لاشاري قتل ڪيس ۾ ڏرين جو ناهه مچي ورتو، 9 سالن بعد ايس ايس پي غلام سرور ابڙو جي پٽ کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس جي ٻڌڻي ٿي. عدالت کي ٻڌايو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

جماعت اسلامي پي ڊي اي حڪومت جي دور کي ڪارو دور قرار ڏئي ڇڏيو

قوم کي آءِ ايم ايف جي غلامن ۽ چورن جي ٽولي کان نجات ملي آهي: محمد حسين محنتي

پي ڊي ايم قيادت جي ڦرمار کان علاوه سموري توجه ڪرپشن جي دولت کي تحفظ ۽ داخل ڪيس ختم ڪرڻ ۾ رهي

16 مهينن دوران پارليامينٽ ۾ 125 منظور ڪيل بلن ۾ هڪ به عوام جي مفاد لاءِ ڪونه آهي

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ جي امير اڳوڻي ايم اين اي محمد حسين محنتي پي ڊي ايم اتحادي حڪومت جي 16 مهينن واري دور کي ڪارو دور قرار ڏيندي چيو آهي ته قوم کي آءِ ايم ايف جي غلامن ۽ چورن جي ٽولي کان نجات ملي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

11 آگسٽ اقليتن جو قومي ڏينهن

هر هڪ جي سڃاڻ، جيئي پنهنجي سنڌ

اسان آهيون رنگن سان | چراغ جي روشن اميدن سان | خوشين سان پنهنجو گهر سينگاريون | هر رنگ، نسل ۽ ذات کي پنهنجو ٻڌايون | چمڪون علم ۽ هنر جي روشنيءَ سان | آزاد ٻڌجي جيئون سڪون ۽ تحفظ سان | هر وقت، هر ڏينهن اسان پنهنجو ڀي شان آهيون

اقليتي برادريءَ جي لاءِ مراعتون

- اڄ تائين اقليتي برادرين جي هڪ لک 6 هزار 990 ماڻهن مختلف مراعتن مان فائدو حاصل ڪيو آهي
- جنهن مان 86،474 ضرورتمندن کي مالي معاونت فراهم ڪئي وئي
- 6،788 ڪيسن ۾ طبي امداد ڏني وئي
- 5،203 ڪيسن ۾ شادي جي لاءِ ڏاج فراهم ڪيو ويو
- 8،252 ڪيسن ۾ ميرٽ جي بنياد تي اسڪالر شپس ڏنيون ويون

اقليتي برادرين جي مذهبي هنڌن جو تحفظ

- 223 حساس مذهبي هنڌن تي سي سي ٽي وي ڪئميرا لڳايا ويا
- مذهبي هنڌن جي تحفظ لاءِ 400 پوليس ٽاسڪ فورس جي تعيناتي بابت غور و فڪر

اقليتي برادرين جي لاءِ ترقياتي اسڪيمون

گذريل 5 سالن ۾ اقليتي برادرين جي مذهبي هنڌن جي لاءِ ترقياتي اسڪيمون پيش ڪيون ويون.

- جنهن ۾ 360 مان 245 اي ڊي پي_اسڪيم/ يونٽس مڪمل ڪيا ويا يعني ته 76 سيڪڙو هدف حاصل ڪيا ويا
- نان اي ڊي پي اسڪيم مان 436 مان 290 اسڪيمز/ يونٽس مڪمل ڪيا ويا يعني ته 68 سيڪڙو هدف حاصل ڪيا ويا
- ون ٽائم اسپيشل گرانٽ مان 185 مان 185 اسڪيمون/ يونٽس مڪمل ڪيا ويا يعني ته 100 سيڪڙو هدف حاصل ڪيا ويا

سنڌ حڪومت خدمت ۾ سڀ کان اڳتي

وڌيڪ معلومات لاءِ اسان جي ويب سائيٽ وزٽ ڪيو
www.minorityaffairs.sindh.gov.pk

اقليتي معاملن وارو ڪاتو
حڪومت سنڌ

INF/KRY/3587/2023

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سر پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چنڊريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي *** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
جمع 11 آگسٽ 2023ع

ايمبولينس مان ڦُر تائين پهتل اخلاقي غربت

هونئن ته غربت جا گهڻائي قسم آهن پر اخلاقي غربت، غربت جو سڀ کان وڌيڪ خراب، بدترين ۽ هاڃيڪار قسم آهي. جيڪا اخلاقي غربت هن وقت سنڌ ۾ نظر اچي ٿي، سنڌ پنهنجي تاريخ ۾ شايد ئي ڪڏهن اهڙي غربت مان گذري هجي! هن وقت حالت اها آهي ته جيئرا ته پنهنجي ماڳ، قبرن ۾ لاش به محفوظ نه آهن. ڏوهاري لاش کڻي ويندڙ ايمبولينس تان به نٿا ٿرن. ان حوالي سان خبر آهي ته، نوان جتوئي ويجهو ڳوٺ چٽو خان شينو جو رهواسي حيدرآباد اسپتال کان پنهنجي امڙ جو لاش ايمبولينس ذريعي پنهنجي اباڻي ڳوٺ کڻي وڃي رهيو هو ته مورو روڊ مناهي پرسان نامعلوم ڦورن ايمبولينس کي روڪي ڪائنس موبائل فون، 50 هزار رپيا روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا.

ڪو زمانو هو، جو ڏهن سنڌ جي ڏاڙيلن جي به اخلاقيات هوندي هئي. هو اغوا ته پري جي ڳالهه، معصوم ٻارڙن ۽ عورتن جي تذليل به ڪونه ڪندا هئا پر هن وقت اهو اخلاقي محرو وڃائجي چڪو آهي ۽ ڏاڙيل پنهنجي بدترين رهزنيءَ واري روپ ۾ سنڌ ۾ ڪارروايون ڪري رهيا آهن. اهي ڏوهن جا راڪاس، ڪچي جا ڏاڙيل سنڌ ۾ ڪاهي پيا آهن. جيڪي "پڪي جي ڏاڙيلن" جي ساٿ ۽ سهڪار سان هڪ انتهائي وحشتناڪ صورتحال پيدا ڪري رهيا آهن. حد ته اها آهي جو معصوم نياٽيون ۽ ٻارڙا به اغوا ڪيا پيا وڃن، انهن تي تشدد جون ويڊيوز وائرل ڪري ڏهڪاءُ پکيڙي رهيا آهن. پر حيرت اها آهي ته رياست انهن کي چٽلينج نٿي سمجهي. رياست نه صرف اکيون بند ڪري چڏيون آهن پر ڪن به بند ڪري چڏيا آهن. قانون به سماعت ۽ بصارت وڃائي چڪو آهي. ان کي امن امان کي يرغمال بڻائيندڙ نظر نٿا اچن! ماڻهن کي قانون جو ڏي، اوت ۽ اجهو حاصل ناهي. سنڌ ۾ امن کي امان ڪونهي. منتظمين اهڙي ڳنڀير حالت کي سڌارڻ ته پري جي ڳالهه، ان جي ابتريءَ جو اقرار ڪرڻ لاءِ به تيار نه آهن. سندن چوڻ آهي ته انهن ٽن صوبن کان به وڌيڪ ڪم ڪيو آهي پر سمجهڻ جي اها ڳالهه آهي ته اهڙي ڏاڙيواڻي پلاملڪ جي ڪهڙي صوبي ۾ آهي، جنهن جي اڳيان قانون ان حد تائين بيوس رهيو هجي؟ خيبر پختونخوا ۽ بلوچستان ته دهشتگرديءَ جي ور چڙهيل آهن ۽ پنجاب ۾ جيڪڏهن اغوا انڊسٽري سرگرم آهي به ته ڏاڙيلن جي خلاف وقت بوقت آپريشن به ٿيندا رهن ٿا ۽ انهن کي ناس ڪرڻ جي لاءِ فوج کان پڻ مدد ورتي وڃي ٿي پر هتي جڏهن به فوج جي مدد سان آپريشن جي ڳالهه ٿئي ٿي ته پوليس انتظاميا ان جي اڳيان رنڊڪ بڻجي وڃي ٿي. اسان سمجهون ٿا ته ڪنهن به رياست ۾ امن امان انتظاميا جي بنيادي ذميواري هوندي آهي. جڏهن امن امان ئي نه هجي ته اتي جمهوريت جو ڦل عوام تائين نٿو پهچي سگهي ۽ اها ئي ڪسوٽي آهي، جنهن جي بنياد تي گورننس جي معيار جي پرک ٿيندي آهي. منتظمين پلي ڪيڏا به ڪارناما ڪيا هجن پر اصل ڳالهه اها آهي ته انهن ڪارنامن جو لاب امن امان جي صورتحال سان ئي مشروط آهي. امن امان نه آهي ته اهو لاب عوام تائين نه پهچندو.

تاريخ ۾ اعليٰ قدرن ۽ روشن روايتن واري ساٿيه جي سجاٽپ رکندڙ سنڌ هن وقت اخلاقي غربت جي تحت الثريٰ ۾ ڏکي وئي آهي. "پلي بک پرم جي، شال مَ وڃي شان" واري چوٽي جنهن سنڌ جي سجاٽپ هئي، اها سنڌ ڪيڏانهن وئي؟ اهڙي اخلاقي ڏيوالپڻي جي حد تائين سنڌ ڪڏهن به نه پهتي هئي. سنڌ سان هن وقت جيڪا حالت ڏاڙيلن ڪئي آهي، ڪڏهن نيپيئر جي نسل به ائين نه ڪيو. موجوده تخت ڏٺي ڏينهن ٻن جا مهمان آهن. جن رڳو اعلانن جي ميدانن ۾ ڪُميتون ڪُڏايون پر اختيار ۽ اقتدار هوندي به ڏوهارين کي ناڪيليون وجهي نه سگهيا. هاڻي سنڌ جو امن امان نگرانن لاءِ ٽيسٽ ڪيس آهي. توڙي جو نگرانن جو مڪيه ڪم اليڪشن ڪرائڻ آهي پر پرامن ۽ شفاف اليڪشن به تڏهن ئي ممڪن هوندي، جڏهن امن امان جون حالتون بهتر هونديون.

بڻايا ✻✻✻ 01

پهچندي، جتي هوءِ شام جو جلسي سان خطاب ڪندي، ان دوران مريم نواز عوامي مهر شروع ڪرڻ جي حوالي سان اهم اعلان به ڪندي.

بڻايا ✻✻✻ 02

اهو بيان ڏنو هو ته عمران خان خلاف عدم اعتماد جي تحريڪ ڪامياب ٿي وئي ته سڀ ڪجهه معاف ڪيو ويندو. دي انٽرسيپٽ موجب آمريڪي پرڏيهي وزارت روس يوڪرين جنگ جي معاملي تي پي ٽي آءِ چيئرمين جي حڪومت کي ڪيرائڻ جي حمايت ڪئي هئي. رپورٽ موجب يوڪرين تي حملي کان اڳوئي وزيراعظم عمران خان طرفان روس جو دورو ڪرڻ تي آمريڪا ناراض ٿي ويو هو. سائفر سان ان ڳالهه جو اشارو ملي ٿو ته آمريڪا پي ٽي آءِ چيئرمين جي حڪومت کي ڪيرائڻ تي لاڳاپن ۾ بهتري جو واعدو ڪيو ۽ نه هنائڻ تي اڪيلو ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني هئي. آمريڪا ۾ اڳوئي پاڪستاني سفير اسد مجيد اسلام آباد ۾ پرڏيهي وزارت کي سفارتي خط اماڻيو هو جنهن جي باري ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين چيو هو ته ان خط ۾ سندس حڪومت جي خلاف آمريڪي سازش جو ذڪر آهي. آمريڪي ويب سائٽ دي انٽرسيپٽ مبينه سائفر کي شايع ڪندي چيو آهي ته آمريڪي اسسٽنٽ سيڪريٽري آف اسٽيٽ ڊونلڊ لو ۽ پاڪستاني سفير اسد مجيد خان آمريڪي خدشن کي رد ڪندي چيو ته يوڪرين تي پاڪستان جو موقف حڪومتي ادارن وچ ۾ مڪمل مشاورت کان پوءِ ٿي طئي ٿيو آهي. ڊونلڊ لو واضح طور تي آمريڪا جي سخت رد عمل جو سبب عمران خان جي روس جي دوري کي قرار ڏيندي چيو ته جيڪڏهن عمران خان جي خلاف عدم اعتماد ڪامياب ٿي وئي ته آمريڪا سڀ ڪجهه معاف ڪندو پر ته اسان جي خيال ۾ روس جو دورو خاص طور تي عمران خان جو فيصلو ٿي لڳي ٿو. ٻئي صورت ۾ اڳيان هلڻ مشڪل هوندو. سائفر موجب ڊونلڊ لو چيو ته جيڪڏهن مسئلو حل نه ٿيو ته مغربي اتحادين طرفان پاڪستان کي اڪيلو ڪيو ويندو ۽ يورپ ۾ به ساڳيو ئي سلوڪ ٿيندو. ڇا آمريڪا ۽ يورپ جي ناراضگي کان پوءِ عمران خان وزيراعظم رهي سگهندو.

بڻايا ✻✻✻ 03

نالي تي مشاورت ٿي پر نگران وزيراعظم جي حتمي نالي تي اتفاق نه ٿي سگهيو جنهن کان پوءِ هاڻ سياسي بيهر مشاورت ڪئي ويندي. رپورٽ موجب وزيراعظم شهباز شريف اپوزيشن اڳواڻ راجا رياض کي خط لکي مشاورت جي لاءِ گهريو هو جنهن کان پوءِ هو وزيراعظم سان ملڻ پهتو جنهن هڪ ٻئي جي سامهون 3ـ3 نالا رکيا آهن جن تي مشاورت ڪئي وئي. پاڪستان پيپلز پارٽي نگران وزيراعظم جي لاءِ اڳوئي پرڏيهي سيڪريٽري جليل عباس جيلاني ۽ اڳوئي چيف جسٽس آف پاڪستان تصديق حسين جي نالن کي تجويز ڪيو آهي جڏهن ته پيپن نالن ۾ صادق سنجراڻي، حفيظ شيخ به شامل آهن. اپوزيشن اڳواڻ راجا رياض چيو آهي ته نگران وزيراعظم جي معاملي تي ڪنهن به قسم جو ڀيڙ لاڪ نه آهي ڪوشش هوندي ته وزيراعظم سان گڏ نگران جو نالو فائنل ڪري وٺون. راجا رياض صحافين سان گڏهيون ڪندي وڌيڪ چيو ته ملاقات انتهائي خوشگوار ماحول ۾ ٿي. مون پنهنجا نالا وزيراعظم کي ڏئي ڇڏيا آهن جڏهن ته وزيراعظم به پنهنجن نالن جي باري ۾ ٻڌايو. مون ۽ وزيراعظم طئي ڪيو آهي ته نالا فائنل ٿيڻ تائين ڪنهن کي به نه ٻڌايو ويندو. نگران وزيراعظم جي لاءِ 6 نالا اڃي چڪا آهن. ملاقات کان پوءِ وزيراعظم هائوس طرفان جاري ڪيل بڦرائي ۾ ٻڌايو ويو آهي ته وزيراعظم آئين جي روشني ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ کي نگران وزيراعظم جي مقرري لاءِ مشاورت جي حوالي سان گهرايو هيو. نگران وزيراعظم جي نالن تي مشاورت جو بهترين دور خوشگوار ماحول ۾ ٿيو. هاڻ اهو فيصلو ڪيو ويو آهي ته اسان هن اهم معاملي تي وڌيڪ سوچ ويچار کان پوءِ سياڻپ 11 آگسٽ تي ان حوالي سان ٻيهر مشاورت ڪئي ويندي.

بڻايا ✻✻✻ 04

پاڪستاني زائرين لاءِ هڪ لک جي ڪوٽا مقرر ڪئي وئي آهي. گهرو وزارت موجب عراقي حڪومت طرفان اربعين دوران زائرين کي بنا ڪنهن فيس جي 30 ڏينهن لاءِ ويزا جاري ڪئي ويندي. جڏهن ته پاڪستاني سيڙپڪارن لاءِ اليڪٽرانڪ ويزا به جاري ڪئي ويندي. گهرو وزارت چيو آهي ته پاڪستاني مسافرن جي بغداد ۽ النجف انٽرنيشنل ايئرپورٽ ذريعي انٽري ٿيندي. جڏهن ته زميني رستي سان پاڪستاني زائرين الشيپ پورٽ کان عراق ۾ داخل ٿي سگهندا. گهرو وزارت ٻڌايو ته عراقي حڪومت طرفان پاڪستاني مسافرن لاءِ عراق ۾ رڳو هڪ ئي ايئرپورٽ تي آمد ۽ روانگي جو شرط ختم ڪيو ويو آهي. گهرو وزارت موجب اربعين دوران زائرين کان رقم وٺڻ جي صورت ۾ ٽور آپريٽرز خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي. واضح رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ گهرو وزير راڻا ثناءُ الله عراق جي دوري تي ويو هو، جتي هن عراقي اڳواڻن ۽ اختيارين سان ملاقاتون ڪيون هيون

بڻايا ✻✻✻ 05

ته توهان سان گڏ 16 مهينا گذارڻ منهنجي زندگي جو اثاثو هوندو. شهباز شريف چيو ته جڏهن قائداعظم جو انتقال ٿيو ته بدقسمتي سان اسان پنهنجو رستو وڃائي ويا سين هن چيو ته الله تعاليٰ اسان کي پنهنجي پيرن تي بيهڻ جي توفيق عطا فرمائي. قرض مان جان ڇڏائي ۽ دعائون گهرڻ کي خدا حافظ جئي. شهباز شريف چيو ته اسان ڪوشش ڪئي ته جيترو ٿي سگهي وسيلن کي بچايون ۽ ڪابينا فيصلو ڪيو ته ڳالهارون ته وٺندا سين. گاڏيون واپس ڪنداسين. هن چيو ته غربت ۽ بيروزگاري جي خاتمي لاءِ وسيلا استعمال ڪيا وڃن ته قرض وٺڻ جي ضرورت نه پوندي. وزيراعظم هائوس جي عملي کي خطاب ڪندي شهباز شريف چيو ته نگران وزيراعظم آيو ته توهان کي پنهنجي ذميواري پوري ڪرڻي آهي.

بڻايا ✻✻✻ 06

ايندڙ آمريڪي سائفر جي تصديق جي لاءِ جاچ ڪئي وڃي. هن چيو ته اها ڳالهه ته وسارڻ گهرجي ته سائفر جي ڪاپي پي ٽي آءِ چيئرمين وٽ هئي جيڪا هن واپس به نه ڪئي ۽ ان بابت عمران خان جي اها ڳالهه رڪارڊ تي موجود آهي ته ان کان اها سائفر جي ڪاپي ڪئي گم ٿي

سنڌ جو سپوت شهيد بشير خان قريشي

دادا ياسين نوناري

سنڌ جي عظيم ڌرتيءَ جنهن کي تهذيبن جي ماءُ چيو وڃي ٿو، جنهن نديءِ ڪنڌ جي گهڻ رخي، تاريخ ساز شخصن سان گڏ عظيم شاعر، مفڪر، مقرر، سياستدان، سائنسدان، اديب ۽ قوم پرست اڳواڻ پيدا ڪيا آهن جن سنڌ جي تاريخي حيثيت ۽ قدرن جي قيمت تي پهرو لهندي پنهنجي قوم ۽ وطن جي لاءِ هر دؤر ۾ جدوجهد ڪئي آهي انهن مان شهيد بشير خان قريشي به هڪ هو. سنڌ جي صداقت ۽ وفائن جي رات جو هي مسافر، سنڌ جي سونهن ۽ ثقافت جو سنگتي انسان ذلتن جي ڏينهن ۾ به آزاديءَ ۽ خوشحاليءَ جا پيرا ڪنندي حق سچ، صوفيت ۽ انسانيت جي علمبردار رهندي جدوجهد جا قافلا ساڻ ڪندي سڪ ۽ سڃائيون ڳولينڊڙ هي شخص ڪڏهن به سنڌ واسين کان نه وسرندو. بشير خان قريشي سنڌ جي قومپرست سياست ۽ جدوجهد جو هڪ وڏو نالو هو. پاڻ وڏن ماڻهن واري سياست ڪرڻ نه چاهندو هو سنڌ ڌرتيءَ جي ڏوکن ڏوجهرن کان نجات ڏياري آزاديءَ ۽ خوشحاليءَ لاءِ جدوجهد ڪندڙ هي اردو انسان پنهنجي پُڻي تي قتلن جا نشان سڃائيندي ڪال ڪوٺڙين جون اذيتون سهندي منهن تي مرڪ رکندي فڪر سيد جو وارث ڪندي جدوجهد ۽ مستقل مزاجي سان سامراجيت خلاف ويڙهه ۾ جُٽبيل هي انسان سدائين لاءِ اسان جي حصي ۾ آيو جيڪا سنڌ جي سرزمين جي وڏي خوشنصيبي آهي. اج 10 آگسٽ محبوب چيئرمين جو جنم ڏينهن آهي. 10 آگسٽ 1956ع جو سُورج سنڌ جي خوابن ۽ اميدن کي هڪ وڏو سهارو ڏيندڙ روشنيءَ بڻيو. جنهن ڏينهن سنڌ لاءِ هڪ وڏيڪ ڏاڪندڙ دل پاڻ ۾ محبت ۽ رواداري رکندي سنڌي قوم جي ڏکويل چهرن تان مُرجهايل مُرڪن کي لاهي هڪ ٿهڪندڙ ۽ مُرڪ سان لاڦائي چهرو ڏيندڙ يار جنم ورتو هو.

هن يار رتيديري جي گهٽين ۾ ڪيڏندي عمر جي تقاضائن تي پورو لهندي انٽر پاس ڪرڻ کان پوءِ سنڌ زرعي يونيورسٽي تنڊي جام ۾ ايڊميشن ولي پنهنجي مستقبل ۾ سنڌ سمائي نڪتل هي اُترادي شاگرد هڪ ڏينهن ساري سنڌ جو پرينءَ ٿي ويندو اهو ڪنهن ٿي ڄاڻي. اڳتي هلي سنڌ جي عشق ۾ سڀ ڪجه لُٽائيندي پاڻ زنگ ذات ۽ فيبلن واري سوچ کان هٽي ڪري سنڌي قوم جي پرپور نمونو سان مالڪيءَ جو دعويدار ٿيو رتيديري جو هي وٺي آهي راٿا ثناءالله وڏيڪ جيو ته جيڪڏهن پي ٽي آءِ چيئرمين ان سلسلي ۾ ڏوهاري ثابت ٿئي ٿو ته ان جي خلاف آفيشل سيڪرٽ ايڪٽ جي تحت ڪيس هلائڻ گهرجي.

بڻايا ✻✻✻ 07

چڏي وڃڻ جي سي سي ٽي وي ويڊيو تي بحث ڪيو ويو. بڌڻي دوران جوابدار جي وڪيل چيو ته ويڊيو ۾ ٻارڙي کي صحيح سلامت والده حوالي ڪندي ڏسي سگهجي ٿو. سوميه عاصر سول جج جي گهرواري آهي، ڪيس چڏي ڏيو وڪيل جي دليل تي جج ڪاوڙجي پئي ۽ ريمارڪس ڏنائين ته جج جي گهرواري سوميه عاصر هتي جوابدار آهي، پيهر اهڙي ڳالهه نه ڪجو.

بڻايا ✻✻✻ 08

راجپوت جي صدارت ۾ فوٽي ڪوٽا تي عمل لاءِ اجلاس ٿيو جنهن ۾ روينيو جا سينيئر بورڊ ميمبر، سيڪريٽري سروسز ۽ پيا آفيسر شريڪ ٿيا. اجلاس دوران زراعت ڪاٽي ۾ 28، روينيو ۾ 12، ڪاليج ايجوڪيشن ۾ 32 ۽ فاريسٽ ڪاٽي ۾ 11 جي منظوري ڏني وئي. چيف سيڪريٽري صحت ڪاٽي جي 93، لائيو اسٽاڪ ۾ 11، بلديات ۾ 61، پاپوليشن ويلفيئر ۾ 41 ملازمن جي منظوري ڏني. اجلاس دوران اسڪول ايجوڪيشن ۾ 294، ورڪس اينڊ سروسز ۾ 46، پبلڪ هيلٿ ۾ 13 ملازمن جي منظوري ڏني وئي. چيف سيڪريٽري موجب فوٽي ڪوٽا تي 2018 کان هيل تائين 13000 ملازمن جي وارثن کي نوڪرين ڏنيون ويون

بڻايا ✻✻✻ 09

پنجوتها ۽ علي اعجاز کي اجازت نه ملي سگهي. بشريٰ بي بي 4 گاڏين تي ٻڌل قافلي سان گڏ اٽڪ جيل پهتي. پوليس ناڪي تي گاڏين کي اڌ ڪلاڪ تائين روڪيو ويو. وڪيل نعيم پنجوتها چيو ته ملاقات جي لاءِ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ اجازت ڏني آهي بشريٰ بي بي جي جيل پهچڻ تي اٽڪ جيل ٻاهران پوليس ۽ ايليٽ فورس جا دستا هاءِ الرٽ ڪيا ويا. بشريٰ بي بي کي پوليس ناڪي ڪان جيل طرف وڃڻ جي اجازت ڏني وئي.

بڻايا ✻✻✻ 10

ڀر 190 ملين پائونڊ ڪيس ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي عبوري ضمانت واري درخواست تي بڌڻي ٿي. بڌڻي احتساب عدالت جي جج محمد بشير ڪئي. عمران خان جي گرفتاري واري معاملي تي بڌڻي دوران اڳوئي صدر آصف علي زرداري جو حوالو سامهون آيو جج محمد بشير چيو ته جيڪڏهن نيب وارا گرفتار ڪن ٿا ته هتان ڪان ته سلو ٿيندو؟ آصف زرداري ته پاڻ چونڊو هو ته مون کي جيل اماڻي چڏيو. خبر ناهي هن کي چا ٿيو آهي؟ عمران خان جي وڪيل خواجه حارث چيو ته اسان جي اوهان کي درخواست آهي ته اسان کي هڪ موقعو ڏيو اسان چاٽي واڻي اٿين نه ڪري رهيا آهيون. عدالت هدايت ڏني ته بشريٰ بي بي کي نيب گرفتار نه ڪري. جنهن کان پوءِ عدالت پي ٽي آءِ چيئرمين جي ضمانت واري درخواست رد ڪري چڏي. جنهن کان پوءِ هاڻ نيب هتان به عمران خان جي گرفتاري ٿي سگهي ٿي. اهڙي طرح توشه خاني نيب انڪوائري ڪيس ۾ به پي ٽي آءِ چيئرمين جي ضمانت واري درخواست رد ڪئي وئي. اهو فيصلو احتساب عدالت جي جج محمد بشير ٻڌايو ۽ نيب جي بيان جي روشني ۾ بشريٰ بي بي جي ضمانت واري درخواست اڪلائي چڏي. نيب موجب 190 ملين ڪرپشن ڪيس ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين جا گرفتاري وارنٽ برقرار آهن. هاڻ نيب کي پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان کي گرفتار ڪرڻ جو اختيار ملي ويو آهي.

بڻايا ✻✻✻ 11

جڏهن ته وفاقي ڪابينه ختم ٿي وئي آهي. رپورٽ موجب وزيراعظم شهباز شريف قومي اسمبلي کي ٽوڙڻ جي لاءِ صدر عارف علوي ڏانهن سمري اماڻي هئي جنهن کي ڊاڪٽر عارف علوي آئين جي آرٽيڪل 58(1) جي تحت منظور ڪري ورتو. نگران وزيراعظم جي مقرري تائين شهباز شريف بطور وزيراعظم جي طور تي ذميواريون ادا ڪندو رهندو. جڏهن ته آئين موجب اسمبلي ٽوڙڻ جي 90 ڏينهن دوران عام چونڊون منعقد ڪيون ويندين. آئيني طور تي نگران وزيراعظم جي مقرري تائين شهباز شريف بطور وزيراعظم ذميواريون ادا ڪندو رهندو. بڻي طرف آئين موجب نگران وزيراعظم جي مقرري لاءِ شهباز شريف قومي اسمبلي جي اپوزيشن اڳواڻ راجا رياض سان اج ٻنهين جو اڊائي وڳي ملاقات ڪندو. ان حوالي سان وزيراعظم هائوس راجا رياض سان رابطو ڪيو آهي. ٻنهي ڌرين ۾ نگران وزيراعظم لاءِ 3ـ3 نالا پيش ڪري مشاورت ڪئي ويندي. ٻنهي اڳواڻن وچ ۾ نگران وزيراعظم جي مقرري جي حوالي سان اج ٿيندڙ ملاقات کي حتمي راؤنڊ چيو پيو وڃي. جيڪڏهن وزيراعظم ۽ اپوزيشن اڳواڻ نگران وزيراعظم جي مقرري ۾ ڪامياب نه ٿيا ته پوءِ معاملو پارليماني ڪميٽي ڏانهن ويندو ۽ جيڪڏهن اتي به اتفاق نه ٿي سگهيو ته اليڪشن ڪميشن نگران وزيراعظم جي مقرري جو فيصلو ڪندو.

بڻايا ✻✻✻ 12

سيڪڙو رعايت جو اعلان ڪيو آهي. پي آءِ اي ترجمان موجب قومي ايئر لائن پي آءِ اي يورپ آزادي جي موقعي تي 14 آگسٽ تي سمورن گهرن جي اڏامڻ تي رعايت جو اعلان ڪيو آهي. پي آءِ اي ترجمان موجب جشن آزادي جي موقعي تي قومي ايئر لائن جي سمورن ڊومسٽڪ فلائيٽن تي 14 سيڪڙو رعايتي ٽڪيٽ موجود هونديون، جنهن لاءِ رعايتي ٽڪيٽون فوري طور تي جاري ڪري سگهجن ٿيون. ترجمان موجب رعايتي ٽڪيٽون 14 آگسٽ کان سفر لاءِ موثر هونديون

بڻايا ✻✻✻ 13

ويون آهن. منشيات فروشي ۽ سپلاءِ ۾ ملوث جوابدارن جا تفصيل ۽ موبائل نمبر به فهرست ۾ شامل آهن. جڏهن ته فهرستن ۾ ڪيترن ئي منشيات فروشن جو ڪرمنل رڪارڊ آفيس جي ڊيٽا سان به جوڙيو ويو آهي. ان حوالي سان تيار ڪيل رپورٽ موجب ڏکڻ ضلعي جي تعليمي ادارن ۾ منشيات فروشن جا 12 گروهه متحرڪ آهي. ملير جي تعليمي ادارن جي پرپاسي ٽي وڏا گروپ ڪم ڪري رهيا آهن. جڏهن ته ڪورنگي ۾ سرڪاري اسڪولن جي احاطي ۾ قائم گهرن مان هڪ خاندان منشيات سپلاءِ ڪندو آهي. رپورٽ موجب لياري جي سرڪاري ۽ نجي تعليمي ادارن ۾ 3 وڏا گروهه ڪم ڪري رهيا آهن. ڏڪ ضلعي ۾ 5 گروهه تعليمي ادارن جي پرپاسي منشيات وڪرو ڪري رهيا آهن. جڏهن ته اوپر ضلعي ۾ 30 کان وڌيڪ جوابدارن تي ٻڌل گروهه شاگردن ۽ شاگردياڻين کي نشو فراهم ڪندو آهي

بڻايا ✻✻✻ 14

صوبي ۾ منشيات فروشن ۽ سپلائرز خلاف گرينڊ آپريشن لاءِ جمعي تي پوليس جو اهم اجلاس طلب ڪيو ويو آهي.

بڻايا ✻✻✻ 15

دڪان ۾ باهه لڳڻ ڪانپوءِ فائر برگيڊ کي طلب ڪيو ويو. ڏماڪي اري هنڌ گلن، هارن، جهنڊن ۽ بيجن جا دڪان آهن. ڏماڪي ۾ زخمي ٿيندڙ ٻن چئن کي سول اسپتال ڪوئٽه منتقل ڪيو ويو. جڏهن ته پوليس ۽ سيڪيورٽي فورسز علاقي جو گهيرو ڪري ورتو. فوري طور تي ڏماڪي جي نوعيت جو پتو ناهي پهچي سگهيو

بڻايا ✻✻✻ 16

جيڪي بنا ڪنهن نتيجي جي ختم ٿي ويا، اليڪشن ڪميشن نئين آدمشماري جي تحت چونڊون ڪرائڻ تي ٻڌتر جو شڪار آهي. ذريعن موجب اليڪشن ڪميشن جي قانوني ٽيم آرٽيڪل 51 فائيو جي تحت نئين تڪبندين جي ڳهرجن کان آگاهه ڪيو. قانوني ٽيم طرفان راءِ ڏني وئي ته اسيمبليون ٽٽڻ جو انتظار ڪيو وڃي. ذريعن موجب اليڪشن ڪميشن اهو به ڏسڻ چاهيو ٿي ته صدر چونڊن جي تاريخ جو اعلان ڪري ٿو يا نه.

بڻايا ✻✻✻ 17

جي جانو عرف جان محمد ڪلهوڙو، رمضان ڪلهوڙو، وحيد ڪلهوڙو، نظير، لياقت، برڪت ڪلهوڙو، احمد علي ڪلهوڙو جو جنازي نماز ڳوٺ رمضان ڪلهوڙو ۾ ادا ڪئي وئي جڏهن ته عبدالمجيد جوڻيجو جي جنازي نماز ڳوٺ جمالپور ۾ ادا ڪئي وئي ٻنهي ڌرين جي جنازه نماز ۾ سوين برادري جي ماڻهن شرڪت ڪئي. جنازي نماز ۾ هراڪ آلي نظر آئي. هڪ ئي وقت 8 جڻن جا لاش کڻڻ تي ماحول سوگوار بڻجي ويو ياد رهي ته ڪالهه مدڻجي ۾ جوڻيجا ۽ ڪلهوڙا تڪرار ۾ ٻنهي ڌرين طرفان چٽي فائرنگ سبب 8 جڻا مارجي ويا هئا.

بڻايا ✻✻✻ 18

جاري ڪري چڏيو آهي. جنهن موجب وزيراعظم شهباز شريف جي 83 رڪني ڪابينا کي ڊي نوٽيفڪيشن ڪيو ويو آهي. ان حوالي سان 33 وفاقي وزيرن، 7 مملڪتي وزيرن، 5 صلاحڪارن ۽ 38 خاص مددگارن کي ڊي نوٽيفائي ڪيو ويو آهي.

بڻايا ✻✻✻ 19

جو حصو هو وفاقي هيڪ پنهنجي ريجنل آفيس ڪراچي ۾ ورڪشاپ جي سهولت فراهم ڪئي. سيڪس يونيورسٽي چاهشورو جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر ارابيلا پٽو تحقيقي پروجيڪٽ جي مڪ تحقيق ڪندڙ جي حيثيت سان دانشورانه خيالن ۽ تجويزن لاءِ ورڪشاپ ڪرايو. شرڪت ڪندڙن کي جڻن مختلف ڪرڻين ۾ روهايو ويو هو ۽ انهن کي موضوع سان سلهاڙيل سوالن جا جواب ڏيڻ لاءِ سوالناما ڏنا ويا. ورڪشاپ ان لحاظ کان انتهائي ڪارآمد ثابت ٿيو جو ته سرڪاري ۽ خانگي شعبي جي مختلف يونيورسٽين جي مڪ عملدارن باصلاحيت فيڪلٽي ميمبرن کي مقرر ڪرڻ جو مناسب طريقو معلوم ڪرڻ لاءِ تجويزون ڏنيون. انهن زور ڀريو ته هڪ فيڪلٽي ميمبر کي قوم کي ايندڙ نسلن لاءِ تيار ڪرڻو آهي ۽ سندس تقرري جو معيار اعليٰ تعليمي ادارن جي بين سپني اسٽيڪ هولڊرز کان وڌيڪ اهم آهي. ان موقعي تي وائيس چانسلر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس پروفيسر ڊاڪٽر خليل احمد ابوپوٽو، وائيس چانسلر صوفي يونيورسٽي پٽ شاهه پروفيسر ڊاڪٽر پروين منشي، ريڪٽر آءِ او بي ايم ڪراچي پروفيسر ڊاڪٽر طارق رحيم سومرو، شيخ اياز يونيورسٽي شڪارپور جي ڊاڪٽر رياض سومرو، زيبسٽ ڪراچي مان ڊاڪٽر خالد حميد، ڊي يو ايچ ايس جي نازلي حسين، نائيس مان ڊاڪٽر مظفر ايچ شاهه، نيپورٽ انسٽيٽيوٽ آف ڪميونيڪيشن ڪراچي جي فرحت زهرا، ڪراچي يونيورسٽي جي ڊاڪٽر شائسته تبسم، جي سي يونيورسٽي حيدرآباد جي پروفيسر ڊاڪٽر امجد علي، ڊي ايس يو ڪراچي مان برگيڊيئر پروفيسر ڊاڪٽر آصف اقبال، انڊس يونيورسٽي ڪراچي جي پروفيسر ڊاڪٽر ظفر ناصر، ماجو ڪراچي ڪان ڪاشف علي خان، جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي جي پروفيسر ڊاڪٽر سعديه اڪرم، KASBIT مان پروفيسر ڊاڪٽر ڪاشف محمود ۽ گرين ويج يونيورسٽي جي رينواز شرڪت ڪئي. آخر ۾ سيمس يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر ارابيلا پٽو پاران سمورن شرڪت ڪندڙن کي شيلڊون ڏنيون ويون.

بڻايا ✻✻✻ 20

مينگهواڙ سخت زخمي ٿي پيا. مڃريل ڳوٺائن موبائلن جا شيشا توڙي چڏيا ڳوٺائن طرفان پوليس اهلڪارن کي زخمي ڪرڻ کان پوءِ ايس ايس پي بدين شاهنواز جاڄڙ جي هدايتن تي بدين ضلعي جي وڏي پوليس نفري ايس ايچ او مولجند جي اڳواڻي ۾ ڳوٺ علي محمد خاصخيلي تي چڙهائي ڪري حملي ۾ ملوث جئن جوابدارن کي ڪمند جي فصل مان گرفتار ڪري ورتو. جڏهن ته وڌيڪ گرفتارين جي لاءِ ڪوشش ڪئي ويندي. سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ٽوئٽر تي جاري ڪيل پيغام ۾ شيخ رشيد چيو ته الله الله ڪري 16 مهينن جي غريب دشمن حڪومت جي ڪاري دور کان قوم کي چوتڪارو مليو. اڄ سنڌ هائوس ۾ ميمبرن جي خريد ۽ وڪرو سان ٺهندڙ سازشي اسمبلي ٿئي وئي آهي. اڳوئي وفاقي وزير شهباز شريف جو نالو ڪنڊ ڪان سواءِ تنقيد ڪندي چيو ته جنهن ڏينهن فرد جرم لڳڻي هئي ان ڏينهن وزيراعظم بڻجي ويو. هن صرف پنهنجا ڪيسز ختم ڪرايا. تقريرون، تصويرون ۽ تعريفن کان علاوه ڪو ٻيو ڪم نه ڪيو. ميڊيا کي پابند ڪيو ويو. هي اڄان تائين نگران وزيراعظم جو نالو نه ڏئي سگهيا آهن. شيخ رشيد چيو ته هي ويندي ويندي هڪ ڏينهن دوران 121 بل به پاس ڪرائي اسمبلي کي بلن جي فيڪٽري بنائي ڇڏيو ۽ جيلن کي بي گناهه ڪارڪنن سان پري ڇڏيو. هي تي بجلي ۽ اٽي جي مهانگائي جا ٻر کيرايا ويا. سائفر کي مذاق بنايو ويو. اڄ دنيا ان حقيقت کي مڃيو. اڄ سائفر جي دستاويزات تي آمريڪي ترجمان به ڳالهائڻ لاءِ تيار نه آهي. عوامي مسلم ليگ جي سربراهه وڏيڪ چيو ته هي پنهنجا ڪپڙا وڪرو ڪري غربت ۽ مهانگائي ختم ڪرڻ آيا هئا. هنن غريب جا ڪپڙا به لهرائي چڏيا. آخري هفتن ۾ صرف قانون جي لوٽ سيل نه لڳائي پر پنهنجن سياسي مخالفن کي به جيل ۾ وجهي چڏين

بڻايا ✻✻✻ 21

پاران داخل ڪيل درخواست ۾ چيو ويو آهي ته سنڌ حڪومت قانوني گهرجون پوريون ڪرڻ کان سواءِ پرتيون ڪري رهي آهي، ڏوهائي حڪومت طرفان من پسند ماڻهن کي نوڪريون ڪان نوازيو پيو وڃي. داخل ڪيل درخواست ۾ چيو ويو آهي ته سنڌ حڪومت جو مدو 11 آگسٽ 2023 تي ختم ٿي رهيو آهي، سندن اهو عمل چونڊن کان اڳ ڏانڊلي جي زمري ۾ اچي ٿو. عدالت درخواست تي بڌڻي کان پوءِ سنڌ حڪومت کي مختلف ڪاٽن ۾ پرتيون جي سلسلي کي روڪي چڏيو جڏهن ته نوڪرين بابت جاري مختلف اشتهارن کي به معطل ڪري چڏيو. عدالت سنڌ حڪومت ۽ بين کي 30 آگسٽ جي لاءِ نوٽيس به جاري ڪري چڏيا آهن.

بڻايا ✻✻✻ 22

هائوس پهتو ته صحافي سوال ڪيو ڪيترا نالا ڪٽي آيا آهيو؟ جنهن تي هن چيو ته 3 نالا ڪٽي آيو آهيان.

بڻايا ✻✻✻ 23

سلمان ابڙو سميت بين جوابدارن ک

بقايا | سنڌيار 01

ءِ موبائل فون ءِ قيمتي سامان ڦر ڪري فرار ٿي ويا. متاثرن خانپور ٽائي تي پهچي واقعي جي اين سي داخل ڪرائي ورتي تفصيل موجب خانپور ٽائي جي حد انڊس هاءوي پوليس پڪٽ پرسان ڏينهن ڏني جو شڪارپور کان ڊيوٽي تي ويندڙ استاد ءِ سماجي اڳواڻ رفيق احمد سهنڊڙو کان هٿياربندن هٿيارن جي زور تي ڪارڪي روڪرائي هڪ لک روپيا نقد موبائيل سيٽ ءِ پيو قيمتي سامان ڦرڪري آساني سان فرار ٿي ويا واقعي جي خانپور ٽائي تي اين سي داخل واقعي جي خبر خانپور ۾ ٻاهه جيان پکڙجي وئي جنهن بعد جي يو آءِ اڳواڻن مولانا طاهر سهندڙو، مولانا عنايت الله بروهي ، مولانا علي محمد سهندڙو ،حافظ عبدالله هڪڙو، رحيم آباد جي سماجي اڳواڻن محمد اسلم سومرو، منصب علي سومرو، حافظ انور علي جن خانپور پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي ڌانهنڊي جيو ته خانپور تعلقي ۾ پوليس جي رٽ مڪمل طور ناڪام نظر آچي پئي ڏينهن ڏني جو ڦررو روڊن تي هٿيارن سان ڪلي عام ڦرڪري رهيا آهن پوليس گهري ننڊ ستل آهي داروغوواه وٽ پوليس چوڪي جي سامهون استاد رفيق احمد سهنڊڙو جيڪو ڊيوٽي تي ڪار تي اچي رهيو هو ته هٿياربند ڦورن هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي هڪ لک روپيه روڪ رقم موبائل فون ۽ پيو قيمتي سامان ڦرڪري آساني سان فرار ٿي ويا جي يو آءِ اڳواڻن ۽ سماجي اڳواڻن ايس ايس پي شڪارپور کان مطالبو ڪندي چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن ڦرٽيل روڪ رقم ۽ سامان واپس نه ٿيو ته سڀاڻي جمعي ڏينهن رحيم آباد لاڙو انڊس هاءوي روڊ بند ڪري احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا | سنڌيار 02

بعد انهن کي مفت دوائون پڻ فراهم ڪيون. ڪئمپ تي موجود اسڪول ڊسٽرڪٽ مئنيجر اعجاز چانڊيو، محمد شريف شيخ، اسڪول مئنيجر ميڊم زمرد پٽي، ايچ ايم اعجاز پٽي ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته اسڪول جي شاگردياڻين جي نظر ڪمزور هجڻ ڪري انهن کي تعليم حاصل ڪرڻ ۾ تمام گهڻيون مشڪلاتون درپيش اچي رهيون هيون جنهن ڪر ضرورت محسوس ٿي ته انهن کي اکين جو علاج جي سهولت ڏيارڻ لاءِ مفت ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وڃي ته جيئن انهن کي اکين جو علاج بهتر نموني ملي سگهي. اکين جي ماهر ڊاڪٽر صفدر علي عباسي چيو ته شاگردن ۾ هن قسم جي تڪليف خوراڪ جي گهٽتائي، گهٽي پڙهائي ۽ موبائل جي گهڻي استعمال جي ڪري پيش اچي ٿي جنهن ڪري انهن کي جيڪڏهن وقت سر علاج ڏنو ويو ته انهن جي وڌيڪ نظر ڪمزور ٿيڻ کان بچي ويندي. اڄ 700 کان وڌيڪ شاگردياڻين، شاگردن جي چڪاس ڪئي آهي جن مان هڪ سئو جي لڳ شاگردياڻين جي نظر ڪمزور ظاهر ٿي آهي جن کي پراپر علاج جي ضرورت آهي. شاگردياڻين کي ڪارڊ جاري ڪيا آهن ته جيئن اهي اسان وٽ اچي وڌيڪ مفت علاج حاصل ڪري سگهن. اسڪول جي شاگردياڻين جو چوڻ هو ته اسان کي نظر جي ڪمزوري جي ڪري تعليم حاصل ڪرڻ ۾ تمام گهڻي تڪليف هئي. هن ڪئمپ لڳڻ سان اسان کي علاج مليو آهي. اميد آهي ته اسان جي نظر بهتر ٿيندي ۽ اسان بهتر نموني تعليم حاصل ڪري سگهنديون سين.

بقايا | سنڌيار 03

ڏنو بجير جو پائٽو مرحوم وريام بجير جي پٽ انجنيئر محمد تراب بجير پاران يورپي يونين جي آرٽيفيشل انٽيليجنس جوائنٽ ماسٽر ڊگري پروگرام جي اسڪالرشپ پاڪستان مان پهرئين پوزيشن جڏهن ته پوري دنيا جي 456 شاگردن مان 9 نمبرتي ٽاپ ٽين پوزيشن ڪٽي ڪري اسڪالرشپ ماڻي ورتي آهي ۽ هو پنهنجي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ پرڏيهه يورپ روانو ٿي ويو آهي جتي هو يورپ جي چار ملڪن ناروي، فرانس، اسپين ۽ فنلينڊ ۾ ٻن سالن دوران پنهنجي پڙهائي پوري ڪندو اهڙي اسڪالرشپ حاصل ڪرڻ تي هن پنهنجو پنهنجي والدين سان گڏ بجير برادري، سنڌي قوم توڙي ملڪ پاڪستان جو نالو روشن ڪيائين ياد رهي اسلام ڪوٽ جي بجير برادري جوهي پهرين نوجوان هوندو جيڪو اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ پرڏيهه وڃي رهيو آهي

بقايا | سنڌيار 04

تي قلم 302؛403؛ 337. HII 149؛148تحت داخل ڪرايو هو ت قتل ٽيندڙ فوتي منظور لغاري ۽ سليمان لغاري ڪي جوابدار غلام مصطفي مري وارن رستي تي موٽر سائيڪل تي گوٽ لغاري ويندي پرائي دشمني جي بنياد تي ڪين قتل ڪيو هو0 ۽ پوليس غلام مصطفي مري ڪي بروقت گرفتار ڪيو هوجڏهن ت پيا ملوٽ جوابدار رويوش ٿي ويا هيا مٿيين پٽي قتل جو ڪيس ايڊيشنل سيشن جج مورو جي عدالت ۾ ڪيس هليو جوابدار ڏر جو وڪيل آچر خان گبول ۽ فرياد ي ڏر جو وڪيل غلام اللا ميمڻ ۽ سرڪاري وڪيل جي عدالت عاليا تقريرون ٻڌي مٿيين جوابدار غلام مصطفي مري ڪي عمر قيد جي سزا ٻڌايي هيي جنهن سزا خلاف جوابدار ڏر پاران سنڌ سڪهر هاءُ ڪورٽ بينچ ۾ اپيل داخل ڪيي هيي جو ان اپيل ڪي ٻڌندي هاءُ ڪورٽ سڪر سنڌ اهو حڪم ڪيو هو ت ب شاهد ايازعلي ۽ غلام مصطفي لغاري جي بيان ڪي جوابدار جي وڪيل جي غير حاضري ۾ ورتو ويو آهي تنهن ڪري انهن جو بيان بيهر ورتو وڃي جنهن کان پوءِ فيصلو ڪيو وڃي سنڌ هاءُ ڪورٽ سڪر جي انهي حڪم کي مجيندي انهن شاهدن جا نوان بيان جوابدار جي وڪيل آچر خان گبول جي سامهون ورتا ويا جنهن کان پوءِ عدالت عاليا بنهي ساڳين وڪيلن جا دليل ٻڌن کان پوءِ عدالت عاليا جوابدار کي عمر قيد جي سزا ۽ ب لڪ جي سزا ٻڌايي تي قلم 302؛403؛ 337. HII 149؛148تحت داخل ڪرايو هو ت قتل ٽيندڙ فوتي منظور لغاري ۽ سليمان لغاري ڪي جوابدار غلام مصطفي مري وارن رستي تي موٽر سائيڪل تي گوٽ لغاري بجرائي